علحدا آواز

(غزل ۽ ترائيل)



آسن واسواڻي ''مجبور''

پیاوړی اسلامي پښتان
کمال پښتانه د اذهان
محبور

آسن واسواڻي 'مجبور'

علحدا آواز

(غزل ۽ ترائيل)

HIGHLIGHTS

روشن ٻلنديون (غزل)

غزل لکان ٿو، غزل پڙهان ٿو
رئڻ پڇاٽا وري ڪِلان ٿو. ص ۱

...

مندر مان ڀڳوان ڀڄي ويو
مسجد مان الله نڪري ويو ص ۱۸

. . .

جنتا جو جي راج چون ٿا
جنتا کي ٿا ناچ نچائن ص ۵

...

گانيون سڙڪ مٿان سنل ڏس
آزاديءَ جو مثال آهي ص ۲

...

ڇا سياست ڪيا حل مسئلا ڪي؟
ذهن ۾ ڇو نہ ولولو آهي ص ۱۱

...

هن ڌرتيءَ کي ڇڏڻو آهي
گره منگل ڏي هلڻو آهي ص ۸

...

جن وٽ پنهنجيءَ زبان ئي ناهي
تن وٽ باقي رهيو ئي ڇاهي؟ ص ۲۱

...

سنڌي ماڻهو سهڻا آهن
پر سنڌيءَ جا شائق ناهن ص ۲۲

...

درد جي ڪا دوا ملي آهي
گفتگو تن سان ڪجھ هلي آهي ص ۳۴

...

تون ملڻ جي لئه بهانو ڪو بڻائج
پل نہ لمحا چار ئي مون سان گذارج ص ۲۷

علحدا آواز

(غزل ۽ ترائيل)

آسن واسواڻي ''مجبور''

ٿي ايڇ ايڪس - ٩٧، آديپور (ڪڇ) ٣٧٠٢٠٥. فون : ٢٦٠١٣١

ڇاپو : پهريون سال : آڪٽوبر ٢٠٠٤ قيمت : ٥٠ روپ

پبلشر : ليکڪ

ٽائيپسيٽنگ :جي.ٽي. ڪمپيوٽرس، گانڌيڌام
فون : ٢٣٦٨٠٩

پرنٽر : شري سائينات آفسيٽ، گانڌيڌام
فون : ٢٢٣٦٠٠

ليکڪ جا حق واسطا قائم

ڪتاب ليکڪ/انڊين انسٽيوٽيوٽ آف سنڌالاجي وٽ ميسر

Alhidā Āwāz

Assan Vaswani 'Majboor'
THX - 97, ADIPUR - 370 205. Tel. : (02836) 260131

October 2004 Price : Rs. 50/-

Publisher : Author

Typesetting : GeeTee Computers
Gandhidham. Tel. : 236809

Printer : Shree Sainath Offset
Gandhidham. Tel. : 223600

CopyRight with Author

BOOK IS AVAILABLE WITH AUTHOR /
INDIAN INSTITUTE OF SINDHOLOGY

سلسلو - غزل

١	غزل لکان ٿو غزل پڙهان ٿو	١
٢	پارت ديش ڪمال آهي	٢
٣	ملڪ جا آهن مسئلا بيحساب	٣
٤	چون ٿا آزادي ۽ انقلاب آيو	٤
٥	حاڪم حڪم هلائي ڄاڻن	٥
٦	بهار آيو مگر ڪن وٽ اڃا	٦
٧	هر طرف ڪان درد جو پيغام	٧
٨	هن ڌرتيءَ ڪي ڇڏڻو آهي	٨
٩	نئين سال سان گڏ نئين آس	٩
١٠	وڇتر واه زمانو آيو	١٠
١١	روز هت ڪونہ ڪو زلزلو آهي	١١
١٢	هي جهان پي هڪ وڏو اسرار	١٢
١٣	پنهنجيءَ ڏن ۾ ماڻهو آهي	١٣
١٤	اڃا روشني ڪر، اڃا روشني ڪر	١٤
١٥	اڄ خوشيءَ ڪان پل گهڻا ديپڪ	١٥
١٦	مان نہ مايوس ٿي مرڻ	١٦
١٧	شعر شاعر جي وڏي سوغات آهہ	١٧
١٨	مندر مان پڳوان پڇي ويو	١٨
١٩	سڄي زندگي هڪ سفر آ اڃايو	١٩
٢٠	ڇڏ ايمان عقيدا پنهنجا	٢٠

سماج

٢١	جن وٽ پنهنجي زبان ئي ناهي	٢١
٢٢	سنڌي ماڻهو سڀڻا آهن	٢٢
٢٣	اسان وٽ تہ آهي ستارن جو	٢٣
٢٤	دلشڪتو ٿي مرڻ منظور ناهي	٢٤
٢٥	شينهن بڻيو آ شاڪاهاري	٢٥
٢٦	نئين سال جا گهڻ وڇايو	٢٦

عشق ۽ فلسفا

٢٧	تون ملڻ جي لئي بهانو ڪو	٢٧
٢٨	لڳن ٿا مڻا غافل آهيان	٢٨
٢٩	درد جگر جي پار ويڃي ٿو	٢٩
٣٠	مينهن جي موسم هيئنر	٣٠
٣١	خبر نہ آهي يار اچڻ جي	٣١
٣٢	نينهن جو ناتو نڀاهڻ آ ڏکيو	٣٢
٣٣	اڳي زندگي هئي مسرتن حوالي	٣٣
٣٤	درد جي ڪا دوا ملي آهي	٣٤
٣٥	نگاهن جو جادو نگاهن نہ ڄاتو	٣٥
٣٦	دشمنن ڪي دوستيءَ جو دم پرڻ	٣٦
٣٧	دنيا جي گردش ڪان حيران	٣٧
٣٨	درد جو دل مان وڃڻ ممڪن نہ	٣٨
٣٩	رنگہ پوميءَ جو نظارو واه واه	٣٩
٤٠	ڪي تہ چون ٿا ڏن آ رحمت	٤٠

روشن ٻلنديون (ترائيل)

هن جهان ۾ هڪ نئون مذهب کپي
عشق جو مذهب ڪري وِسُ جو پلو.	ص ٤٥
...
هر ماڻهو انسان ڪٿي آ
انسانيت ڪن ڪن ۾ پسجي	ص ٦٨
...
سياست تي پئي گورکہ ڌنڌو
اچي ٿيا نامي گرامي داخل	ص ٤٢
...
ترڪ ۾ ٻڪريون ٻي ٻي ڪن ٿيون
ڪوس گهرن ڏي آهہ سواري	ص ٥٦
...
هر انسان ڪي پنهنجو علحدو فلسفو آهي
ڪوئي باخدا، ڪوئي ناخدا تي ٿو رهي	ص ٥٨
...
هولي آئي اڄ نہ رنگ لڳائڻ ڏي
هوءَ آ هت هرروز ڪانہ اچڻ واري	ص ٦٥
...
اجنبيءَ جيان جيئڻ ٿيو آ حاصل
آهہ جڳہ سان وابستگي اڄ ڪهڙي؟	ص ٧٠
...
خوش آهيان مگر آئون هوش ۾ ڪٿي آهيان؟
آيو هوش جنهن دم، تيندي خوشي هتان غائب	ص ٦٦
...
سڀ هت ڳالهائڻ ٿا چاهن
ڪير ٻڌڻ لئي تيار نہ آهي	ص ٤٨
...
ڪجھ ٿي مهنا اڳہ 'دکايل' ويو گذاري
هاڻ آ 'دلگير' ساڳي راهہ ورتي	ص ٤٧

غزل - ١

غزل لکان ٿو، غزل پڙهان ٿو
رئڻ پڇاڙڻا وري ڪِلان ٿو.

١. اڃي اڇانڪ ٿي ياد تنهنجي
رکي قلم مان ڪٿي ڪِران ٿو

٢. مصيبتن ۾ جِئڻ ٿا ماڻهو
غريب غم ۾ ٻڏل ڏسان ٿو.

٣. نہ ڪوبہ آٿت ملي ٿو جن کي
قريب تن جي رهڻ گهران ٿو.

٤. پلي چون کي عَجيب شاعر
اهو لقب مان ڪٽي ڦِران ٿو.

٥. سُڪونُ 'مجبور' آهي حاصل
اصول هن تي اڇل رهان ٿو.

• ———— •

سلسلو - ترائيل

حصو	نمبر	عنوان	صفحو
ديش سياست ۽ ڌرم - مذهب	١	شغل آزاديءَ جا تپهندا رهن	۴١
	٢	آهه هميشه مار غريبان	۴١
	٣	وس تا ڪارا ڪڪر	۴٢
	۴	سياست تي پئي گوڙ ڪہ	۴٢
	۵	رهي ڪٿي اچ وطن‌پرستي	۴٣
	٦	هي سرڪاري دفتر آهي	۴٣
	٧	اچ نقابن جو وڏي واپار ويو	۴۴
	٨	جن ڪيو ڪاميابين تي غرور	۴۴
	٩	مندر ۾ هرروز وڃان ٿو	۴۵
	١٠	هن جهان ڪي هڪ نئون	۴۵
	١١	ڪن جي لئي جڳهہ آهي سندر	۴٦
	١٢	دان ڏيڻ آ دانشمندي	۴٦
سماج	١٣	ڪڇ ئي معنا اڳہ 'دڪايل'	۴٧
	١۴	آديسر دلڪش بڻيو آ يادگار	۴٧
	١۵	لئبريريءَ ۾ هزارين پستڪ	۴٧
	١٦	سڀ هت ڳالهائڻ ٿا چاهن	۴٨
	١٧	دور هت مڪان ۾ بزرگہ	۴٩
	١٨	سادگي اچ ڪين ٿي	۴٩
	١٩	سچو ڏينهن هو چرچر ڪائي ٿو	۵٠
	٢٠	صحت جي لئي شام جو گهمڻ	۵٠
	٢١	جيت اچڻ ۾ دير ڪندي آ	۵١
	٢٢	ڪرامت جو انتظار تون ڪرين	۵١
	٢٣	ظالم اڳيان نہ سِرُ	۵٢
	٢۴	هي موقعو هربار ڪونہ ملندو	۵٢
	٢۵	مقصد بنا جئڻ آ وري ڪهڙو	۵٣
	٢٦	پنهنجي دل دماغ تي تون	۵٣
	٢٧	بادلن ۾ شور ٿيو برسات آئي	۵۴
	٢٨	سامهون وڻ تي ڪوئل ڳائي	۵۴
	٢٩	ريتيءَ جي ڍيرن مٿان ٻار	۵۵
	٣٠	پنج لڳا مس ۽ آءٌ اٿان ٿو	۵۵
	٣١	ترڪ ۾ ٻڪريون ٻي ٻي ڪن ٿيون	۵٦
	٣٢	سامهون گهر وٽ گانءِ اچي ٿي	۵٦
	٣٣	رات سڄي ڪن چوڪيداري	۵٧
	٣۴	شهر جي گهٽين ۾ سوئر جام	۵٧
	٣۵	هر انسان ڪي پنهنجو علحدو	۵٨
	٣٦	انسان لئي گهٽا مسئلا آهن	۵٨
	٣٧	جئڻ جي لئي دال روٽي ناگذير	۵٩
	٣٨	جسم ڪي جي خوبصورت ٿو	۵٩
	٣٩	موت منهنجيءَ مرحبا لئي	٦٠
	۴٠	پل پل ٿو هنئر بي رفتار	٦٠
	۴١	هيءَ حيات ٻي راند لڳي ٿي	٦١
	۴٢	جسم تہ پنهنجو آهہ برابر	٦١
	۴٣	اڪيلو آهي اپ ۾ آفتاب	٦٢
	۴۴	هميشه هو مشغول رهي ٿو	٦٢
	۴۵	موت اچي ٿو پنهنجي تاڻي	٦٣
	۴٦	ڏسو پتڪي روح ٿو اچ لامڪان	٦٣
	۴٧	جيءَ ڇا لئي جڙيل آ اڇا	٦۴
	۴٨	تن تہ ڳولي عيش جا سامان ٿو	٦۴
	۴٩	اچ تہ پرچون پاڻ ۾ او دلربا	٦۵
	۵٠	هولي آئي اچ تہ رنگہ لڳائڻ ڏي	٦۵
	۵١	جا گهڙي گذري وئي	٦٦
	۵٢	خوش آهيان مگر آئون هوش	٦٦
	۵٣	روح تنهنجي لئي اڇا بہ ٿو	٦٧
	۵۴	خوشنما، پنهنجيءَ حياتيءَ	٦٧
	۵۵	هر ماڻهو انسان ڪٿي آ	٦٨
	۵٦	ڏن اپار عقل ۽ علميت	٦٨
	۵٧	سامهون وڻ جي چوٽيءَ تي	٦٩
	۵٨	تنهنجيءَ ياد جو سهارو	٦٩
	۵٩	تنهنجيءَ هن موت بعد	٧٠
	٦٠	اجنبيءَ جيان جئڻ ٿيو آ حاصل	٧٠

غزل - ٣

ملڪ جا آهن مسئلا بي حساب
پر چَون ٿا راڄ هي آ ڪامياب.

١. هٿ سياستدان جو ڏس روب واهه !
پوءِ هجي پل چو نہ هو ڪورو ڪتاب.

٢. بکہ هجي، بيروزگاري نامراد
حڪمرانن کي رَتيِ ناهي حجاب.

٣. ٿا لڳن نعرا نہ هوندو ڪو غريب
کي وٽن جا پن چَبِن، کي ٿا ڪباب.

٤. ڪارناما رُشوتن جا روز روز
راڄنيتيءَ ۾ نہ آهن سي خراب.

٥. هي جمهوريت جو ڏسون وينا ڪمال
ڪين آ 'مجبور' ڪنهن وٽ ڪو جواب.

غزل - ٢

پارت ديش ڪمال آهي
پرجا راڄ بحال آهي.

١. ڪونهي بيِڪ پنڻ تي بندش
شخصي حَق جو سوال آهي.

٢. گانيون سڙڪ مٿان سنتل ڏس
آزاديءَ جو مثال آهي.

٣. قيدي جيل ۾ ميوا کائن
شاهوڪار جو مال آهي.

٤. قرض وٺي پوءِ جاوا ڪن پيا
بئنڪن جو شڀ حال آهي.

٥. تون 'مجبور' نہ فڪر ڪَر ڪو
جنتا خوب نِهال آهي.

•————•

غزل - ۵

حاڪم حڪم هلائي چاڻن
ماڻهن کي ٿا پوڪ بڻائن.

۱. ووٽ وٺڻ لءِ ڪن نيزاريون
بعد ڏسڻ کان قاصر آهن.

۲. ڪِڻ ۾ ويا ڏنوان بڻي هو
جادوگر جا کيل رچائن.

۳. ڏيکارن ٿا سبز بغيچا
طِلسم جا استاد سڏائن.

۴. جنتا جو جي راڄ چون ٿا
جنتا کي ٿا ناچ نچائن.

۵. تون 'مجبور' عجيب لغاءُ ڏس
خاوِند خادِم کان گهبرائن.

غزل - ۴

چون ٿا آزادي ۽ اِنقلاب آيو
سُنهرو بس ڪن پل لاءِ خواب آيو.

۱. اهائي حالت پنهنجي آ سقيم، دوست
ودیشي ويو ۽ پوءِ ديسي نواب آيو.

۲. ڪنا ڪن ٿا پئسا ايڏا رشوتن مان
اسان کي نہ انهن جو ڪوئي حساب آيو.

۳. وهايا آنسون جنهن منهنجي ڏسي غريبي
ڏسڻ ۾ ان جي منهن تي پوءِ نقاب آيو.

۴. اڇن جي چوندون ڪن وعده وڏا ۽ عمدا
مصيبت ايندي، ناڪاري جواب آيو.

۵. صداقت لئي آهي 'مجبور' اڄ مصيبت
گهٽي ان لئي بيرحمي ۽ عذاب آيو.

غزل - ٧

هر طرف کان درد جو پيغام آيو
هيءَ مهاڀومي لڙاين کان بچايو.

١. ڪنهن بهاني جي ٿا ڪن قتلام ٻين کي
خوف ۾، تن جي نہ عزت کي وڌايو.

٢. ڌرم مذهب پيار بن ڪجهہ يي نہ آهي
قلب مان ئي انڌ شرڌا کي مٽايو.

٣. اڄ سياستدان ڇو بدنام آهن ؟
ڪن شريفن سان سياست کي سجايو.

٤. روز بڪہ بيروزگاري ۾ اضافو
مفلسن کي ٻن مسئلن آ منجهايو.

٥. سرڳ جي 'مجبور' ڪهڙي آ ضرورت؟
هي جڳت ئي سرڳ جو ثاني بڻايو.

غزل - ٦

بهار آيو مگر ڪن وٽ اڃا خزان آهي
خدايا هي بہ ڇا بيعئب ڪو جهان آهي.

١. ملي هٿ قاتلن کي ٿي تہ جام ئي عزت
لڳي ٿو ڪنهن سچائيءَ جي ڪسي زبان آهي.

٢. سٺل فوٽ پاٿ تي آهن ڇو شخص ڪي نرلڄ؟
انهن جي سِر مٿان رکوال آسمان آهي.

٣. گهٽوئي ذڪر ٿئي مشهور انقلابن جو
مگر اڄ ليءِ اهو بيشعور داستان آهي.

٤. هنئر ڏن ئي بٽيو آ اشٽ ديو سيني جو
اهوئي ديوتا شرڌا جو اڄ نشان آهي.

٥. منان ڳالهيون ڪرين 'مجبور' پاڪدامن جون
جو هت سيتا جي عصمت تي بہ ڪڇ گمان آهي.

غزل - ٩

نئين سال سان گڏ نئين آس آئي
نئين گويا خوشبو فضا ۾ سمائي.

١. اچانڪ نراشا وچي ڪٿ لڪي آ
نئينءَ مرڪ دل جي خوشي آ ٻُڏائي.

٢. اچي ڪونه ٿو ياد ماضي هنئر ڪو
فقط آئندي ڏانهن وک مون وڌائي.

٣. ’روايت‘ ’روايت‘ پڪارن ٿا جاهل
سندن سمجهه ڪان آهه ٻاهر سچائي.

٤. زمان آهه ترسيو ڀلا ڪنهن بشر لئي؟
قدم جي ڀُلي ويا، ترقي ڀُلائي.

٥. نئين روشني شل پکڙجي جهان ۾
وڌي ڪاش ’مجبور‘ هت همنوائي.

غزل - ٨

هن ڌرتيءَ کي چڏڻو آهي
گره منگل تي هلڻو آهي.

١. هت انسان انسانيت کوهي
ان کان دور تہ رهڻو آهي.

٢. مذهب ڌرم کيو نڪ ۾ دم
رام، خدا کان پڇڻو آهي.

٣. پيار محبت جا سڀ ويري
اهڙن سان ڪئن جِئڻو آهي.

٤. چور لٽيرا ڪن تا جاوا
تن جو هر-دم ٽيڻو آهي؟

٥. ڪر 'مجبور' وڃڻ جي تياري
جلد هتان ئي اُڏڻو آهي.

غزل - ١١

روز هت ڪونہ ڪو زلزلو آهي
پر نہ شايد وڏو معاملو آهي.

١. ٿا اُڏائن بمن سان مڪانن کي
ليڪ معمولي هي سلسلو آهي.

٢. لاش حئبت نٿا ڪابہ ٿهلائن
پل ڪَٽيل چو نہ ڪنهنجو گلو آهي.

٣. وقت آهي ڪٽي هت سياپي لئي،
جو ڪجهہ آ ٻُرو، بس ڀلو آهي.

٤. ڇا سياست ڪيا حل مسئلا ڪي؟
اف نہ ذهن ۾ ڪو وِلوِلو آهي.

٥. آهہ 'مجبور' هي ڪو نئون آدم
محض خودغرض ۽ ڇلولو آهي.

غزل - ٢٠

ڇڏ ايمان عقيدا پنهنجا
سڀ ڪم ٿي پوندا هٿ سهنجا.

١. ڌرم ڪرم جون بس ڳالهيون ڪر
ورنه ڪارج ٿيندا اهنجا.

٢. ڌن دؤلت بن ڪجھ پيِ ناهي
سمجھيو جنهن، ڀاڳ ٿيا تنهنجا.

٣. ماڻهو جي ڳجھ مورَک آهن
ان ۾ ڏوه گناه ٿيا ڪنهنجا؟

٤. اُن ڪي جيت جڳت ۾ حاصل
مقصد صاف چِٽا ٿيا جنهنجا

٥. سُکہ آرام سدا جي چاهين
پڙ ’مجبور‘ سخن هي منهنجا.

غزل - ١٣

پنهنجيءَ ڏُن ۾ ماڻهو آهي
خود کي سڀ کان سمجهو پائئي.

١. ڪيس خبر ڪجهه ناهه خدا جي
چرچ ۽ مندر مسجد ناهي.

٢. روحانيت جو ڳالهيون ٿين پر
عيشن جو سامان سجائي.

٣. جيو ديا جي وعظ پچاڙا
ماس مڇي مستيءَ سان ڪائي.

٤. رشوت جي پئسن تي پلجي
راڳ سچائيءَ جا ٿو ڳائي.

٥. آ 'مجبور' ڏکيو سمجهڻ هت
بهروپيءَ جو مقصد ڇا هي؟

غزل - ۱۲

هي جهان پيي هڪ وڏو اسرار آهي
ڪوئي دشمن آ ته ڪوئي يار آهي.

۱. ڪا نظر دل کي ڪري تازو توانو
ڪا نظر هينئين جي لئه آزار آهي.

۲. ملڪ جي لئه ڪو مري، پائي شهادت
ڪو ته دوکيباز ۽ غدار آهي.

۳. ظلم آڏو هو نه هرگز سر جهڪائي
ڪو وري سجدو ڪرڻ لئه تيار آهي.

۴. ڪو چڏي جڳہ، ٿي ويو جهنگل روانو
ڪنهن جي لئه سندر سچو سنسار آهي.

۵. ڪو هئي 'مجبور' آ عالِم اڪابر
ڪنهن جو ڪهنو علم سان تڪرار آهي.

غزل - ١٥

اڄ خوشيءَ کان پل گھڻا ديپڪ جلن
ءَ گلي هڪ ٻئي سان هت ماڻھو ملن.

١. آ برابر ڪين سولي زندگي
مرڪ سان مايوس ڳل ڀڪي اُٿن.

٢. شڪ شبه جو آهہ هت ماحول جو
ڏينھن هاڻي پروسي جا بس اچن.

٣. ڪوڙ ڏي هرڪو حقارِت سان ڏسي
’سچ تہ بينو نچ‘ جا پيا نعرا لڳن.

٤. هاڻ مفلس ڪي نئين آشا ملي
طعام چو ڪائن نہ ڪي روزا رکن؟

٥. هر ڏياريءَ جو اهو سنديش آ
دکہ نٿا ’مجبور‘ جا دائم رهن.

غزل - ١۴

اجا روشني ڪر، اجا روشني ڪر
ڏياريءَ جا ديپڪ اجا روشني ڪر.

١. نفاقن ڪيو آ جدا هر بشر کي
محبت جي جذبات شل ٿئي اُجاگر.

٢. هلي دؤر ٿو هاڻ نفرت جو هِت هٿ.
بدولت ڪو ٿُنهنجي ٿئي ماحول بهتر.

٣. امن چئن سان چو نہ انسان هلي ٿو؟
ڪري پاڻ پيدا مسئلا ٿو اڪثر.

۴. يلي بدچلن کو ڪري چو نہ ترقي
فتح نيڪ جي ليڪ ٿيندي سراسر.

۵. اجا آهہ اميد 'مجبور' دل ۾
نہ نوَيگہ جو آغار اڄ ٿيندو چوڏر.

• ———————— •

غزل - ١٧

شعر شاعر جي وڏي سوغات آ
ڪي پسبنو ٿا ڇَون يا ذات آ.

١. دل سدا مظلوم لئي هن جي جُهري
بهتري تن جي، سندس فڪرات آ.

٢. ڌرم مذهب جي نه جهڳڙن ۾ پوي
هيءَ خدائي ساري پنهنجي ذات آ.

٣. ڌرم جي ماڻهوءَ کي ٿو وحشي ڪري
پوءِ ته بيهودي اها جذبات آ.

٤. يار آهن هن جڳت ۾ بيعدد
تن جي محفل ۾ رهڻ جي تات آ.

٥. روشنيءَ کان جئن انڌيرو ٿو ڀڄي
ڇا ڊنل 'مجبور' کان ظلمات آ؟

غزل - ١٦

مان نہ مايوس ٿي مرڻ ٿو گھُران
هن جهان ۾ اچا جئڻ ٿو گھُران.

١. مهڪ سان پُر ڪيو گلن باغ کي
آءٌ تن کان سبق سکڻ ٿو گھُران.

٢. خوف خطرو رهيو سدا راهہ ۾
پوءِ بہ اڳتي تہ مان وڌڻ ٿو گھُران.

٣. نئنَ ڳچ اشڪبار مظلومن جا
تن جا آنسون هتي اُگهڻ ٿو گھُران.

٤. ڪونہ مونکي ڪپي عبادت جو گهر
پيار انسان سان ڪرڻ ٿو گھُران.

٥. ناهہ 'مجبور' کي خدا جي خبر
خلق جو خير پر پنڻ ٿو گھُران.

غزل - ١٩

سڄي زندگي هڪ سفر آ اجايو
مگر سڀ چون ٿا سجايو، سجايو.

١. خدا جي خبر آ ذرني ڪانهِ جن کي
چون ٿا اسان وٽ اچي سر جهڪايو.

٢. مندر مسجدين چرچ ۾ ڇا رهيو آ
گنهگار شخص کي ڇو ٿا لڪايو؟

٣. هتي مفلسن لئي وڏي آ مصيبت
سخاوت مگر شور ڪيڏو مچايو.

٤. اهو ڌرم-مذهب ڪندو ڇا اسان لئي
روايت کي جنهن آهه رهبر بڻايو.

٥. پرندو ڇو 'مجبور' ڳولي قفس پيو
فلڪ ۾ اڏامڻ جو جذبو وڃايو.

غزل - ١٨

مندر مان ڀڳوان ڀڄي ويو
مسجد مان الله نڪري ويو.

١. گردوارن ۾ آهہ گرو ڪٿ ؟
سياست جو ئي راڄ اچي ويو.

٢. پوڇا جو تہ ڀهانو آهي
ڳنڍن کي بس مانُ ملي ويو.

٣. شخص شريف مرن بي ڪارڻ
جمهوريت جو روپ وڌي ويو.

٤. غربت جي هو ڪن ڇو پروا (هہ)
جن وٽ ڌن جو ڍير لڳي ويو.

٥. هي 'مجبور' نظام هلندو ڪئن؟
انساني جي روح مري ويو.

غزل - ٢١

جن وٽ پنهنجي زبان* ئي ناهي
تن وٽ باقي رهيو ئي ڇاهي؟

١. ڌن دولت تي اجائي آڪڙ
ماڻهو جي خود انامي آهي.

٢. عزت جي خاڪ ٿي هن جي هٿ
ڇاجي لئي پو(ءِ) جئڻ ٿو ڇاهي؟

٣. هستي ان جي رهندي ڪهڙي؟
ناحق جو ٻاڳہ پنهنجو ڏاهي.

٤. جي ٻلجي ويا ادب ۽ ڪلچر
تن جي رب ڪوپڙي شل ناهي.

٥. تون 'مجبور' ڪر پيو واڪا
ٻوڙا اونده طرف پيا ڪاهي.

---

*زبان = ٻاشا

غزل - ۲۰

چڏ ايمان عقيدا پنھنجا
سڀ ڪم ٿي پوندا ھٿ سھنجا.

۱. ڌرم ڪرم جون بس ڳالھيون ڪر
ورنه ڪارج ٿيندا اھنجا.

۲. ڌن دؤلت بن ڪجھ پيءِ ناھي
سمجھيو جنھن، ڀاڳ ٿيا تنھنجا.

۳. ماڻھو جي ڳچ مورک آھن
ان ۾ ڏوھ گناه ٿيا ڪنھنجا؟

۴. اُن ڪي جيت جڳت ۾ حاصل
مقصد صاف چِٽا ٿيا جنھنجا

۵. سُک آرام سدا جي چاھين
ٻڌ 'مجبور' سخن ھي منھنجا.

غزل - ٢٣

اسان وٽ تہ آهي ستارن جو جادو
ڪليل آسمان ۾ بهارن جو جادو.

١. ڪپي ٿو تہ توکي مشينين جو دونهون
هتي قاعناتي نظارن جو جادو.

٢. گلستان ۾ ڪا مهڪ ناهي تو لءِ
نہ تو لءِ ندين ۾ پهاڙن جو جادو.

٣. سچو وقت تو لءِ غلامي آ زر جي
ڪروڙن لکن ۾ هزارن جو جادو.

٤. سچو وقت آهين تناوَن ۾ گهيريل
اَٿيِ مغز تي بس مڪارن جو جادو.

٥. رڳو پاڻ جي لءِ جئڻ تو آ چاتو
نہ 'مجبور' جي لءِ سهارن جو جادو.

غزل - ٢٢

سنڌي ماڻھو سھڻا آھن
پر سنڌيءَ جا شائق ناھن.

١. ھندي، انگريزي، گجراتي،
جام مرانيءَ جا گڻ ڳائن.

٢. سنڌي مخزن - اخبارن تي،
يا نہ ڪتابن تي ڌن ھارن.

٣. سنڌي ڪلچر جون ڪن ڳالھيون،
سنڌي ٻولي صاف ڏُلائن.

٤. سنڌي ٻولي جي تيِ غائب،
سنڌيت جا ڏينھن باقي ڇاھن؟

٥. شل 'مجبور' وري سوچن ھو،
پنھنجيءَ ٻوليءَ ساڻ نياھن.

غزل - ٢٥

شينهن آ بڻيو شاڪاهاري
چو نہ پل هجي هيءَ لاچاري

١. هاڻي جي بلڊپريشر تي ويو
ڪئن ڊُلي وڃي هيءَ بيماري.

٢. ماس ۽ مڇيءَ تي تس بندش
ڀاڄيون مگر سڀ ڳٽڪاري.

٣. هارٽ فيل جي تي هن جي ڪِٿ
ڪير ڪيس ڏيندو دلداري؟

٤. باءِ پاس آهي پل بهتر
بئنڪ - قرض جي پر ناڪاري.

٥. شينهن نوبنو تي ويو جلدي
سوچ اُن تي ’مجبور‘ آ جاري.

غزل - ٢٤

دلشڪستو ٿي مرڻ منظور ناهي
بي ٽُڪيون آهون ڀرڻ منظور ناهي.

١. آ خبر شمشان ويندو جسم بيجان
موت کان اڳ پر سڙڻ منظور ناهي.

٢. دشمنن جي طاقتن جي ڄاڻ گهرجي
ان سواءِ تن سان لڙڻ منظور ناهي.

٣. خوف کان خالي نہ آهي جي ڪنارو
ترت ساحل ڏي ترڻ منظور ناهي.

٤. جن فريبين هٿ ڏنا دوکا مسلسل
ڀروسو تن تي ڪرڻ منظور ناهي.

٥. تون عقيدن کي بہ ڏس 'مجبور' ڀيهر
سوچ بن تن تي اڙِڻ منظور ناهي.

غزل - ٢٧

تون ملڻ جي لِيءِ بهانو ڪو ٻڌائج
پل تہ لمحا چار ئي مون سان گذارج.

١. ڪي چون ٿا مان وفا ڪجهہ پِي نہ ڄاڻان
تون غلطفهمي اچي تن جي مٽائج.

٢. مان تہ رسوائيءَ کان هٽ ناهيان ڏنل ڪو
صاف گوئيءَ سان ڀلي سڀ ڪجهہ ٻڌائج.

٣. ناقبول آهي اگر جي آشنائي
خوب رنجش سان ئي هٿ مونسان ملائج.

٤. پاڻ کي وقتي ٿو مان بيداغ سمجهان
وهم هن کان تون اچي مونکي ڇڏائج.

٥. آءٌ جي مغرور آهيان يا مزاجي
تون اچي ’مجبور‘ کي بيشڪ لڄائج.

غزل - ٢٦

نئين سال جا گهنڊ وڄايو،
نئين طرز جا گيت ٻڌايو.

١. ڏسو بدلجي رنگ ويا سڀ،
اِهي علحدي طور سڄايو.

٢. سدا پل وهي آب نديءَ جو،
متان روڪ سان بوءِ وڌايو.

٣. مري جو چُڪو آهي ماضي،
ڪرڻ فڪر ان لاءِ اجايو.

٤. سڄي راند تبديل حوالي،
گهٽي سوچ سان داءُ لڳايو.

٥. کِلو اڄ نہ 'مجبور' خوشيءَ سان،
الم کان يارو جند ڇڏايو.

غزل - ٢٩

درد جگر جي پار وڃي ٿو
هاڻ جئڻ دشوار لڳي ٿو.

١. زنده ماڻھو زنده آھن
تن کي کاروبار وٽي ٿو.

٢. قسمت ھر کنھن جي آ پنھنجي
چو ٻئي سان تڪرار ڪري ٿو.

٣. ياري جنھن کي ياد نہ آھي
ان ليءِ چو بيڪار جُھري ٿو.

٤. ڪين حقيقت کي سمجھي ھو
خوابن جو سنسار اڏي ٿو.

٥. عقل رھي 'مجبور' اڪيلو
عشق ڪري لاچار ٻٽي ٿو.

غزل - ٢٨

لڳن ٿا مِٺا غافل آھيان
نہ ھن دنيا جي قابل آھيان.

١. رھن ٿا انسان ڏک-ڏُک ۾ ھت
مگر آئون بس باطل آھيان.

٢. ڏسان ٿو باغ - بھار سڀ ساٿي،
رڳو مان غم ۾ شامل آھيان.

٣. پڙھيا مون پستڪ ھر عالِم جا
تڏھن بہ نامي جاھل آھيان.

٤. خدا جي ڳولھا کن پيا عارف
ملڻ لئي مان ڪٿ مائل آھيان؟

٥. متان تون ’مجبور‘ تنھا سمجھين
اڪيلو تنھنجو ھمدل آھيان.

غزل - ٣١

خبر نہ آهي يار اچڻ جي
خبر نہ آ محبوب ملڻ جي.

١. اچي ويا بادل تہ گهٽيئي
خبر نہ آ برسات وسڻ جي.

٢. رهن هزارين تيون آشائون
خبر نہ آ هڪ آس پڄڻ جي.

٣. ڪمان آهي تيار ڪڏهن ڪان
خبر نہ آهي تير چڙڻ جي.

٤. دوا، دعا لئي گهر گهر پتڪيس
خبر نہ آهي فيض رسڻ جي.

٥. ملال ۾ 'مجبور' رهي تو
خبر نہ آ ڪِرِ لاءِ ڪِلڻ جي.

غزل - ٣٠

مينهن جي موسم هينئر اچڻ واري
سونهن جي سوغات آ ملڻ واري.

١. غم ويو تي چو ملول هاڻي آ؟
چو تہ مسرت راچ آ ڪرڻ واري.

٢. بادلن جي ٻوڙ تي اجهو چالو
آسمان ۾ موج آ مچڻ واري.

٣. چڻ گلن ڪي ڪنهن ڏنو لڪل نياپو
هت جواني آ سگهو ورڻ واري.

٤. جهنگہ جا سپ جوتشي-پڪي چاڻن
آب جي جهرمر اجهو ٿيڻ واري.

٥. ڪيفيت 'مجبور' جي نرالي اچ
حسن جي آ هاڪ جو وڌڻ واري.

غزل - ٣٣

اڳي زندگي هئي مسرتن حوالي
هنئر آ اها بس حسرتن حوالي.

١. خوشين جو خزانو آهي چڱ ڪُٽڻ تي
الم اچ لڳي تو برڪتن حوالي.

٢. چو ناڪام پنهنجون ڪوششون تين تيون
مقدر آهي چا حرڪتن حوالي؟

٣. رهي عاشقن جي مختصر حياتي
سگهو ٿيا وجي هو تربتن حوالي.

٤. اسان خوب پنهنجي دوستي نباهي
مگر پيار تي ويو نفرتن حوالي.

٥. رهيو دم نہ ڪو 'مجبور' جسم ۾ آ
حڪيمن جي آهيون خذمتن حوالي.

غزل - ۳۲

نينهن جو ناتو نڀائڻ آ ڏکيو
عشق کي دائم لڪائڻ آ ڏکيو.

۱. عاشقيءَ جو دم هڻڻ وارا گهڻا
هستي پنهنجيءَ کي ڦٽائڻ آ ڏکيو.

۲. حسن جي بانور کري ٿي خفا
پو(ءِ) به ان تي مسڪرائڻ آ ڏکيو.

۳. جو نه تارون، آ گهڙي چو سمنڊ ۾؟
موٽ کان تنهن کي بچائڻ آ ڏکيو.

۴. معملو معمولي ناهي پيار جو
ان جو هر پهلو ٻڌائڻ آ ڏکيو.

۵. راند آ 'مجبور' هيءَ جوکم ڀري
ڪانئرن کي اُت ڪُڏائڻ آ ڏکيو.

غزل - ٣٥

نگاهن جو جادو نگاهن نہ ڇاتو
اسان پاڻ کي هت ڪٿي آ سڃاتو؟

١. نشي بن، نشي ۾ رهون ٿا هميشه
ملڻ لئي تڏهن يي رهي من نہ آتو.

٢. ڪٿي آهہ تن کي ذرا منهنجي پرواه،
لڳي ٿو نہ هي آهہ يڪ طرفو ناتو.

٣. خبر ڪانہ هئي عشق ڪا راند ناهي
وڃايو گهڻوئي، مگر ڪجھ نہ پاتو.

٤. نصيبن جي در تي ڪئي مون گذارش
مگر ڪٿ بہ پنهنجو ڪليو ڪونہ ڪاتو.

٥. هتي ٻات اونده نہ 'مجبور' لئي آ،
اڪيلو فراقي تڏهن گيت ڳاتو.

غزل - ٣٤

درد جي ڪا دوا ملي آهي
گفتگو تن سان ڪجھ هلي آهي.

١. تن چيو هت حجاب آ ڇا لئہ؟
مون چيو منهنجي بزدلي آهي.

٢. تن چيو تون وڏو اناڙي ڇو؟
مون چيو مغزي جاهلي آهي.

٣. تن چيو ڇو نہ انقلابي تون ؟
مون چيو وقت ڏس ٻَلي آهي.

٤. تن چيو بيقرار تون ناهين
مون چيو محض ڪاهلي آهي.

٥. ڇو نہ 'مجبور' خوش طبع شاعر؟
مون چيو منهنجي بيدلي آهي.

غزل - ٣٧

دنيا جي گردش کان حيران ٿو رهان
تنهنجيءَ مان بيدليءَ جو نيشان ٿو رهان.

١. راتيان ڏينهان رهي ٿو ازغئبيءَ کو نشو
مان پنهنجي سوچ جو بس ارمان ٿو رهان.

٢. هڪڙو ئي مرض آ ۽ هڪڙو ندان آ
پو (ءَ) يي مان دربدر ٿي بيجان ٿو رهان.

٣. تنهنجي هن بيرخيءَ بدنام آ کيو
غائب ٿي آبرو آ، بيءِشان ٿو رهان.

٤. غيرن سان دوستي پر مون کان رهين خفا
کارڻ جي کوج ۾ مان غلطان ٿو رهان.

٥. بدحالي آهه، ليکن ’مجبور‘ چا کري؟
اهڙي يي حال ۾ هک انسان ٿو رهان.

غزل - ٣٦

دشمنن کي دوستي جو دم ڀرڻ ڏيو
ڪا نئرن کي چو نہ ٿا هي ڪم ڪرڻ ڏيو.

١. جن ڇري‌بازي ڪئي هردم لڪي آ
حادثي ۾ بس ڇريءَ سان خود مرڻ ڏيو.

٢. ايرڪا ڪان جي جلي ٿيا خاڪ آهن
آڳہ ۾ پي چو نہ ٿا ٻيهر ٻرڻ ڏيو.

٣. هو ڪي تارون ڪين آهن جو نہ ٻڏندا
موٗت ڪان اڳہ ڪي تہ پل تن کي ترڻ ڏيو.

٤. هو پشيمانيءَ وچان مايوس آهن
جي گهرن ٿا هو معافي پل گهرڻ ڏيو.

٥. ناهہ الزامن جو ڪو 'مجبور' کي غم
ليڪ ڳٽنيءَ ڪان عيارن کي ڳرڻ ڏيو.

غزل - ٣٩

رنگہ يوميءَ جو نظارو واه واه
چوطرف آ شور غل پيي بيپناه.

١. ويا کجي پردا، شروع ٿيو آهہ کيل
ٿا ڏسون پينار ۽ ڪي شهنشاه.

٢. کنهن لکيو ناٽک، لڳي ٿو جو عجيب؟
هت کِلن پاپي، رئن ٿا بيگناه.

٣. مفلسن کي موت پيي ناهي نصيب،
بي اثر آنسون بڻيا، بيزور آه.

٤. آ هدايتڪار پيي بي‌ترس شخص،
قتل ليءِ ڪمزور تي ٿي آهہ ڪاه.

٥. اهڙي ناٽک مان ملي کهڙو سکون؟
جت کليل 'مجبور' ليءِ ڪائي نہ راه.

•———————•

غزل - ٢٠

درد جو دل ماں وڃڻ ممڪن نہ ٿيو
آس جو دل ۾ اڀرڻ ممڪن نہ ٿيو.

١. آشڪ اکر جا ايترو ٿيا آشنا
تن جو پڙهڻ کي ڇڏڻ ممڪن نہ ٿيو.

٢. غم ٽسي آ جهڙي جي سڀ چمڪ
مرڪ جو لب تي نچڻ ممڪن نہ ٿيو.

٣. خواب ۾ ٿي ساں گهڻي ئي گفتگو
هڪ گهڙي هڏري ملڻ ممڪن نہ ٿيو.

٤. هر جڳهہ جنڊرني ۾ جي باوجود(١)
ماڳ پنهنجي ڏانهن هلڻ ممڪن نہ ٿيو.

٥. خاڪ ئي حاصل رهيو 'مجبور' کي
عمر ڪٿي ٻر ڪم وڃڻ ممڪن نہ ٿيو.

ترائیل

غزل - ٤٠

ڪي تہ چون ٿا ذن آ رحمت
ڪي تہ چون ٿا آهي زحمت.

١. درد سهن ٿا زر لئِ ماڻهو
روز ڪنن هو ڪن ٿا محنت.

٢. ڪي تہ رهن ٿوري تي راضي
ڪن نہ شڪايت، گر آ غربت.

٣. ناٽي بنا آ نر ويڳاڙو
ان چوٽيءَ سان ڪيڏا سهمت.

٤. راڄ ڇڏي ٿيو ٻُڌ ويراڳي
ڪيس وٽي جهنگلن جي صحبت.

٥. پئسي ڪيو 'مجبور' آ پاڳل
روڪي سگهيا ڪي ٿورا رغبت.

ترائيل - ١

شغل آزاديءَ جا ٿا ٿيندا رهن
شادمانن جي ناهي ڪائي ڪمي
ياد ٿا ڪنهن کي هو بدقسمت اچن؟
شغل آزاديءَ جا ٿا ٿيندا رهن.

ڇو غريبيءَ کان ٿا ڪي هٿ پيڙجن
هو نہ همروطني آهن ڇا آدمي؟
شغل آزاديءَ جا ٿا ٿيندا رهن
شادمانن جي ناهي ڪائي ڪمي.

ترائيل - ٢

آهہ هميشه مار غريبان
سيڪو ٿو تن کي ڏمڪائي
حاصل ڇا ٿيو آزاديءَ مان ؟
آهہ هميشه مار غريبان.

دم نڪري سردين گرمين کان
بيمارين کان ڪير بچائي؟
آهہ هميشه مار غريبان
سيڪو ٿو تن کي ڏمڪائي.

ترائيل -٥

رهي ڪٿي اڄ وطن‌پرستي
جتي مليو ڏن اتي ئي رهبو
ڳُلائي ڇڏبي پراڻي بستي
رهي ڪٿي اڄ وطن‌پرستي.

وديشي ٻوليءَ ۾ آهه مستي
ڌرم ڪرم کي سلام چئبو
رهي ڪٿي اڄ وطن‌پرستي
جتي مليو ڏن اتي ئي رهبو.

ترائيل - ٦

هي سرڪاري دفتر آهي
چنتامڪت ملازم آهن
هت ڪائي پابندي ناهي
هي سرڪاري دفتر آهي.

آئيندو هت هرڪو ناهي
سڀ قانون ملايم آهن
هيءَ سرڪاري دفتر آهي
چنتامڪت ملازم آهن.

ترائيل - ٣

وسن ٿا ڪارا ڪڪر جهوپڙين مٿان
اچي ٿو چيرن منجهان پاٽي ڳچ گهڙي
رئن ٿا بيمار هت ٻار ناتوان
وسن ٿا ڪارا ڪڪر جهوپڙين مٿان.

ڪنوڻ ڪان ڏرتي ڏڇي، ڪنبي آسمان
خبر ناهي ڪنهن مٿان وِڄُ اچي ڪِري
وسن ٿا ڪارا ڪڪر جهوپڙين مٿان
اچي ٿو چيرن منجهان پاٽي ڳچ گهڙي.

ترائيل - ٤

سياست ۾ ٿي پئي گورک ڌنڌو
اچي ٿيا نامي گرامي داخل
ڪيو آ پئسي سڀ کي انڌو
سياست ٿي پئي گورک ڌنڌو.

نہ عالِم جاهل ۾ ڪو سَنڌو
عيار مَڪار ويا ٿي شامل
سياست ٿي پئي گورک ڌنڌو
اچي ٿيا نامي گرامي داخل.

ترائيل - ٩

مندر ۾ هرروز وڃان ٿو
پوڄا پاٺ ڪري ٿيان پوتر
پيئتا پي مان جام ڪان ٿو
مندر ۾ هرروز وڃان ٿو.

بعد، گناهه بي روڪ ڪريان ٿو
سؤلي آ معافي جو ميسر
مندر ۾ هرروز وڃان ٿو
پوڄا پاٺ ڪري ٿيان پوتر.

• ———— •

ترائيل - ١٠

هن جهان کي هڪ نئون مذهب کپي
عشق جو مذهب ڪري وسُ چو پلو
تنئي نہ سجدو ۽ نہ ڪو مالها جپي
هن جهان کي هڪ نئون مذهب کپي.

ڪين ڪو ناراض ٿي ڪنهن تي تپي
بند تئي هت قتل جو هي سلسلو
هن جهان کي هڪ نئون مذهب کپي
عشق جو مذهب ڪري وس جو پلو.

• ———— •

ترائيل -٧

اڄ نقابن جو وڏي واپار ويو
ڪنهن جي اصليت ڪي سڃاڻڻ ٿيو ڪٺن
فجر وارو شام جو نيارو ٿيو
اڄ نقابن جو وڏي واپار ويو.

جو صبح جو هن چيو، ماضي ٿيو
حال مستقبل ٻه چو ساڳيا هجن؟
اڄ نقابن جو وڏي واپار ويو
ڪنهن جي اصليت ڪي سڃاڻڻ ٿيو ڪٺن.

• ———— •

ترائيل -٨

جن ڪيو ڪاميابين تي غرور
تن جي حالت اڄ ڏسان ٿو مان سقيم
سي ته سمجهن ٿا سندن ناهي قصور
جن ڪيو ٿي ڪاميابين تي غرور.

عرش ڪان هو فرش تي پهتا ضرور
هاڻ ٻولن ٿا هِتي هُت هو حڪيم
جن ڪيو ٿي ڪاميابين تي غرور
تن جي حالت اڄ ڏسان ٿو مان سقيم.

• ———— •

ترائيل - ١٣

ڪُڇ ئي مهنا اڳہ ’دڪايل‘ ويو گذاري
هاڻ آ ’دلگير‘ ساڳي راه ورتي،
هي ٻتو صدمو تو پنهنجو هنياءُ ڏاري
ڪڇ ئي مهنا اڳہ ’دڪايل‘ ويو گذاري.

سنڌيءَ جا سرمور شاعر ڪئن وساري
درد ڪان بيحال آديپور جي ڌرتي؟
ڪڇ ئي مهنا اڳ ’دڪايل‘ ويو گذاري
هاڻ آ ’دلگير‘ ساڳي راه ورتي.

• ————— •

ترائيل - ١٤

*آديسر دلڪش ٻڻيو آ يادگار
*پائيءَ جي پرتاپ جو مجسم نشان
نرواسين جو جنهن ڪيو واقع اُڏار
آديسر دلڪش ٻڻيو آ يادگار.

ماڻهو ٿا چڪجي اچن هت بار بار
آهي هي تفريح جو مرڪز مهان
آديسر دلڪش ٻڻيو آ يادگار
پائيءَ جي پرتاپ جو مجسم نشان.

* آديسر - آديپور جي تلاءَ جو نالو
* پائي - پائي پرتاپ ڏيئلداس

• ————— •

ترائيل - ۴۵

کن جي لئي جڳہ آهي سندر
کن جي لئي بيحد بدصورت
مرکي وينو مست کلندر
کن جي لئي جڳہ آهي سندر.

اوجل جنهنجو آهي اندرُ
مندر مسجد جي نہ ضرورت
کن جي لئي جڳہ آهي سندر
کن جي لئي بيحد بدصورت.

ترائيل - ۴٦

دان ڏيڻ ۾ آ دانشمندي
چو تہ ملي مشهوري ۽ عزت
ناهہ خوشامد تي کا پابندي
دان ڏيڻ ۾ آ دانشمندي.

دان ونڻ واري جي نِيتُ مندي
کنڌ جهکيل، هٿ جوڙيل ۽ نوڙت
دان ڏيڻ ۾ آ دانشمندي
چو تہ ملي مشهوري ۽ عزت.

ترائيل - ١٧

دور هت مڪان ۾ بزرگ رهن ٿا
درد هوندي بہ سدا خاموش آهن
راز پنهنجو ڪين ڪنهن سان بہ سلن ٿا
دور هت مڪان ۾ بزرگ رهن ٿا.

انسَ تِن جا گهر ڦٻائي عيش ڪن ٿا
ليڪ ماتا ۽ پتا ڪي ٿا نہ چاهن
دور هت مڪان ۾ بزرگ رهن ٿا
درد هوندي بہ سدا خاموش آهن.

• ———————— •

ترائيل - ١٨

سادگي اڄ ڪين ٿي ڪنهن کي وڻي
پاڻ چمڪائڻ ئي واحد فرض آ
خودشناسيءَ لئي نہ ڪو حامي هٽي
سادگي اڄ ڪين ٿي ڪنهن کي وڻي.

خرچُ پل بيجا ۽ بي‌قابو بڻي
ڪير چوندو 'قرض آخر مرض آ'؟
سادگي اڄ ڪين ٿي ڪنهن کي وڻي
پاڻ چمڪائڻ ئي واحد فرض آ.

• ———————— •

ترائيل - ١٥

لئبرريءَ ۾ هزارين پُستڪ،
اخبارون ۽ گهڻيئي مخزن،
غائب آهن مگر ڇو پانڪ؟
لئبرريءَ ۾ هزارين پُستڪ.

کهڙي ڪوه ۾ ٻڏي ويا چاهڪ؟
خالي خالي ئي ڪرسيون ڏسجن،
لئبرريءَ ۾ هزارين پُستڪ،
اخبارون ۽ گهڻيئي مخزن.

ترائيل - ١٦

سڀ هت ڳالهائڻ ٿا چاهن
ڪير ٻڌڻ لئِ تيار نه آهي
ٿا خود ڪي ودوان سڏائن
سڀ هت ڳالهائڻ ٿا چاهن.

ڳالهائڻ ۾ تڪبا ناهن
ليڪ ٻڌڻ ۾ حظ ئي ڇاهي؟
سڀ هت ڳالهائڻ ٿا چاهن
ڪير ٻڌڻ لئِ تيار نه آهي.

ترائيل - ٢١

جيت اڇڙ ۾ دير ڪندي آ
سچ ٻڌندو پر آ سويارو
هر انسان جي پرک ڪندي آ
جيت اڇڙ ۾ دير ڪندي آ.

ڏير گنيير جي جاچ ڪندي آ
ڪوڙن جو ٻُڏندو آ تارو
جيت اڇڙ ۾ دير ڪندي آ
سچ ٻڌندو پر آ سويارو.

•________•

ترائيل - ٢٢

ڪرامت جو انتظار تون ڪرين ڇو ٿو؟
اهو ڪو حل مشڪلات جو ٻٽيو ناهي
بنا هشمت جي، ٻجي ڪنبي مرين ڇو ٿو؟
ڪرامت جو انتظار تون ڪرين ڇو ٿو؟

رڳو آنسن سان دامن هتي پرين ڇو ٿو؟
نہ جن جو حالات تي ذرا اثر آهي
ڪرامت جو انتظار تون ڪرين ڇو ٿو؟
اهو ڪو حل مشڪلات جو ٻٽيو ناهي.

•________•

ترائيل - ١٩

سچو ڏينهن هو ڇَر ڇَر ڪائي ٿو
ڪمر ٿس وئي ٻٽجي ڇڻ ڪمرو
لقب گينڊي جو عزت پائئي ٿو
سچو ڏينهن هو ڇر ڇر ڪائي ٿو.

نہ مڪتي هو روڳن ڪان پائي ٿو
وڃي فوت ٿي پي شايد ٽڪڙو
سچو ڏينهن هو ڇرڇر ڪائي ٿو
ڪمر ٿس وئي ٻٽجي ڇڻ ڪمرو.

• ———— •

ترائيل - ٢٠

صحت جي لئِ شام جو گهمڻ گُٽڪاري آ
پر خالي آهن ڪٿي شهر جا هٽ رستا؟
اڻڪٽ آمدرفت هرطرف ڪان جاري آ
صحت جي لئِ شام جو گهمڻ گٽڪاري آ.

واهڻ وارن تي بہ موت دائم طاري آ
آهن پيدل راهگير پر سپ ڪان سستا
صحت جي لئِ شام جو گهمڻ گٽڪاري آ
پر خالي آهن ڪٿي شهر جا هٽ رستا؟

• ———— •

ترائيل -٢٥

مقصد بنا جئڻ آ وري کھڙو جئڻ
ڪاٿا ڪيل لغڙ جي اڏامڻ جو سفر
ٿيو هِت اجھو ڪِرڻ يا نہ ھُت آھي ڪِرڻ
مقصد بنا جئڻ آ وري کھڙو جئڻ.

بي خوف ٿي رھڻ، مشڪلاتن سان لڙڻ
نہ تہ ھيءَ حيات آھي انامي سربسر
مقصد بنا جئڻ آ وري کھڙو جئڻ
ڪاٿا ڪيل لغڙ جي اڏامڻ جو سفر.

•———•

ترائيل -٢٦

پنھنجي دل-دماغ تي تون رکہ اعتماد
تنھنجون محنتون اوس ٿينديون برثواب
تون ناخوش نصيب بيجان جو ڇڏ وواد
پنھنجي دل-دماغ تي تون رکہ اعتماد.

پنھنجيءَ ناتوانيءَ کي وئرت ڏي نہ داد
پنھنجن طاقتن جو پورو پر رکہ حساب
پنھنجي دل-دماغ تي تون رکہ اعتماد
تنھنجون محنتون اوس ٿينديون برثواب.

•———•

ترائيل - ٢٣

ظالم اڳيان نہ سِرُ منهنجا دوست تون جهڪاءِ
ان سان مقابلي ليءِ هردم تون رهہ هوشيار
گردن جهڪي نہ هرگز، طاقت ڪي آزماءِ
ظالم اڳيان نہ سِرُ منهنجا دوست تون جهڪاءِ.

آخر آ جيت تنهنجي وشواس ائين جڳاءِ
مغرور جو سدا ليءِ توڙي تون چڙ خمار
ظالم اڳيان نہ سِرُ منهنجا دوست تون جهڪاءِ
ان سان مقابلي ليءِ هردم تون رهہ هوشيار.

ترائيل - ٢٤

هي موقعو هربار ڪونہ ملندو
مهربان ٿيو بخت اڄ توتي آ.
پيهر هي دروازو ڪونہ کلندو
هي موقعو هربار ڪونہ ملندو.

بيءَ طاقت جو حڪم ڪونہ هلندو
باقي همت جو ذمو توتي آ.
هي موقعو هربار ڪونہ ملندو
مهربان ٿيو بخت اڄ توتي آ.

ترائيل - ٢٩

ريتيءَ جي ڍيرن مٿان ٻار پيا راند ڪن
چنبائن ڪان مڪت، ڪئن ٿا کلن زور سان
ليٽن ٿا هو بيڌڙڪ يا اُٿي ٿا نچن
ريتيءَ جي ڍيرن مٿان ٻار پيا راند ڪن.

ياڪر پائي ٿا ملن يا تہ ڪِنڍ ۾ رُسن
مستي هو ماحول ۾ پرن ٿا شور سان
ريتيءَ جي ڍيرن مٿان ٻار پيا راند ڪن
چنبائن ڪان مڪت، ڪئن ٿا کلن زور سان.

• ———— •

ترائيل - ٣٠

پنڇ لڳا مس ۾ آءٌ اٿان ٿو
برش ڪري پنهنجي چانهہ ٿو ناهيان
ترت ’ميائو‘ آواز ٻڌان ٿو
پنڇ لڳا مس ۾ آءٌ اٿان ٿو.

هڪڙو بسڪيٽ ٻليءَ کي ڏيان ٿو
باقي پيٽَ حوالي ٿو ڪريان
پنڇ لڳا مس ۾ آءٌ اٿان ٿو
برش ڪري پنهنجي چانهہ ٿو ناهيان.

• ———— •

ترائيل - ٢٧

بادلن جو شور ٿيو برسات آئي
ٻار کن پل ۾ اچي ميدان تي ويا
کن نہ پنهنجي ڊريس يي گهر ۾ ڍڪائي
بادلن جو شور ٿيو برسات آئي.

رقص جي آ رمز تن کي کنهن ٻڌائي؟
مرڪندڙ معصوم ٻُل سڀ لال ٿي ويا
بادلن جو شور ٿيو برسات آئي
ٻار کن پل ۾ اچي ميدان تي ويا.

• ———————— •

ترائيل -٢٨

سامهون وڻ تي ڪوئل ڳائي
موُج مچي ٿي موسيقيءَ جي
من چنتا کان مکتي پائي
سامهون وڻ تي ڪوئل ڳائي.

آهہ اڪيلي پروا(ه) ناهي
ڳائڻ لئي ڪيڏي بيتابي
سامهون وڻ تي ڪوئل ڳائي
موُج مچي ٿي موسيقيءَ جي.

• ———————— •

ترائيل - ٣٣

راتِ سڄي ڪن چوڪيداري
ڏينهن جو ڪجهه جهونا ڪائن
چا نہ ڪتن جي آ بيداري
راتِ سڄي ڪن چوڪيداري.

غير ڏٺو، پوئنڪڻ ٿيو جاري
جِٽڪ گهِٽيءَ جا مالڪ آهن
راتِ سڄي ڪن چوڪيداري
ڏينهن جو ڪجهه جهونا ڪائن.

. ———————— .

ترائيل - ٣٤

شهر جي گهٽين ۾ سوئر جام گهمن ٿا
مزي موج سان ڪائن ٿا اچليل ڪچرو
سڄي هو نگر کي سُٿرو صاف رکن ٿا
شهر جي گهٽين ۾ سوئر جام گهمن ٿا.

نگرپالڪا کان ڪانہ پگهار گهرن ٿا
رهي پو(ءِ) بہ کين ٿو ناگرڪن مان خطرو
شهر جي گهٽين ۾ سوئر جام گهمن ٿا
مزي موج سان ڪائن ٿا اچليل ڪچرو.

. ———————— .

ترائيل - ٣١

ترڪ ۾ ٻڪريون ٻي ٻي ڪن ٽيون
ڪوس گهرن ڏي آهه سواري
ڪجهه ويچاريون نا سمجهن ٽيون
ترڪ ۾ ٻڪريون ٻي ٻي ڪن ٽيون.

وحشين جا هو پيٽ ڀرن ٽيون
ماس چٻڻ آ جن جو جاري
ترڪ ۾ ٻڪريون ٻي ٻي ڪن ٽيون
ڪوس گهرن ڏي آهه سواري.

•———————•

ترائيل - ٣٢

سامهون گهر وٽ ڳانءِ اڇي ٽي
سنڱن سان ٽي در ڪڙڪائي
روز صبح هي نيم رکي ٽي
سامهون گهر وٽ ڳانءِ اڇي ٽي.

عورت ننڍ مان نيٺ اُٿي ٽي
روٽيءَ ٽڪرو ڳانءِ ٽي کائي
سامهون گهر وٽ ڳانءِ اڇي ٽي
سنڱن سان ٽي در ڪڙڪائي.

•———————•

ترائيل - ٣٧

جئڻ جي ليءِ دال روٽي ناگزير
پر هي مقصد ڇا اُڇت انسان لاءِ؟
پتڪي تو بيشعور اڇ هن جو ضمير
جيئڻ جي ليءِ دال روٽي ناگزير.

هنجو آ اِبليس هاڻي خاص پيرُ
تاريخي ترجيح هيءَ حيوان لاءِ
جيئڻ ليءِ دال روٽي ناگزير
پر هي مقصد ڇا اڇت انسانِ لاءِ؟

. ——————— .

ترائيل -٣٨

جسم ڪي جي خوبصورت تو ڪجي
روح ۽ اخلاق ڇو پنتي رهن؟
رکن هرڪو زيب جو خاوند هجي
جسم ڪي جي خوبصورت تو ڪجي.

پل ملائڪ جي بہ پد تي پهچجي
روح ۽ تن من توازن ۾ هجن
جسم ڪي جي خوبصورت تو ڪجي
روح ۽ اخلاق ڇو پنتي رهن؟

. ——————— .

ترائيل - ٣٥

هر انسان کي پنهنجو علحدو آ فلسفو
ڪوئي باخدا، ڪوئي ناخدا ٿي ٿو رهي
ڪوئي ٿو عقيدن کي سمجهي بيمعنيٰ خفو
هر انسان کي پنهنجو علحدو آ فلسفو.

ڪنهن جي لئِ حياتي آ قائناتي ڪو ٻُڦو
ڪنهن جي لئِ اها ظلم ستم سدا پيئي سهي
هر انسان کي پنهنجو علحدو آ فلسفو
ڪوئي باخدا، ڪوئي ناخدا ٿي ٿو رهي.

ترائيل - ٣٦

انسان لئِ گهڻا مسئلا آهن
هو پاڻ خود وڏو مسئلو آهي
هن جا گهڻا ته عيب مخفي ناهن
انسان لئِ گهڻا مسئلا آهن.

اعمال ترت ٿا درستي چاهن
پر ڪم اهو ته انتها اوکو آهي
انسان لئِ گهڻا مسئلا آهن
هو پاڻ خود وڏو مسئلو آهي.

ترائيل - ٤١

هي حيات يي راند لڳي تي
داوَ پيچ رسُ رنگت آٽن
هار تي ملي، جيت ملي تي
هيءَ حيات يي راند لڳي تي.

ڇهرن تي ڪِن مرڪ نچي تي
ڪي ملول منهن درد جتائن
هي حيات يي راند لڳي تي
داوَ پيچ رسُ رنگت آٽن.

•———————•

ترائيل - ٤٢

جسم تہ تنهنجو آهہ برابر
روح مگر ڏولائن ۾ آ
سمجهين ٿو تون آنهہ اڪابر
جسم تہ تنهنجو آهہ برابر.

تون ڇا رهندين عام جناور؟
روح انهن چنتائن ۾ آ
جسم تہ تنهنجو آهہ برابر
روح مگر ڏولائن ۾ آ.

•———————•

ترائيل - ٣٩

موٽ منهنجيءَ مرحبا لئِ منتظر
ڪيسين تائين بدگهڙي هت ٽاربي
آهه هرڪو هن قضا ڪان باخبر
موٽ منهنجيءَ مرحبا لئِ منتظر.

سِرَ مٿان تلوار لٽڪڻ جو اثر
ڪئن بقايا زندگي خوش گهاربي
موٽ منهنجيءَ مرحبا لئِ منتظر
ڪيسين تائين بدگهڙي هت ٽاربي.

• ——————— •

ترائيل - ٤٠

پَلُ پَلُ تو هنئر بي‌رفتار ۾ ڏڪيو گذري
ڇا هي وقت آهي بيمار يا بنه ڪاهل
جذبو دل منجهان غم جو تو جنان ڪٿان اُسري
پلُ پلُ تو هنئر بي‌رفتار ۾ ڏڪيو گذري.

هي سئلاب اَشڪن جو ڇو نٿو اچا اُتري
منهنجي هستي ناقابل تي آ موٽ ڏي مائل
پلُ پلُ تو هنئر بي رفتار ۾ ڏڪيو گذري
ڇا هي وقت آهي بيمار يا بنه ڪاهل.

• ——————— •

ترائيل -٤٥

موٽ اچي ٿو پنهنجي ٽاٽي
کين دليل ٻُڌي ٿو ڪنهن جا
زير ڪرڻ ۾ ٿو سگهه ماٽي
موٽ اچي ٿو پنهنجي ٽاٽي.

ڪير نه هن جو روپ سڃاڻي
پو(ء) به ڪنبن ٿا دشمن هن جا
موٽ اچي ٿو پنهنجي ٽاٽي
کين دليل ٻڌي ٿو ڪنهنجا.

• ———————— •

ترائيل -٤٦

ڏسو پتڪي روح ٿو اڄ لامڪان
زماني جي گردش جو ٿي شڪار
ڪري وينو سوچ گهرو بي زبان
ڏسو پتڪي روح ٿو اڄ لامڪان.

بڻيو آهي جسم جڳ جو حڪمران
چڙهيو آ انسان تي هوَسي بخار
ڏسو پتڪي روح ٿو اڄ لامڪان
زماني جي گردش جو ٿي شڪار.

• ———————— •

ترائيل - ٤٣

اڪيلو آهه اُڀ ۾ آفتاب
مگر روشن ڪري پورو جهانُ
گهڻا ريسارو، پو(ءِ) ٻيي لاجواب
اڪيلو آهه اڀ ۾ آفتاب.

نه جڳه سان ٿو رکي ڪوئي حساب
پري هوندي به ڪيڏو شانُ مانُ
اڪيلو آهه اڀ ۾ آفتاب
مگر روشن ڪري پورو جهانُ.

ترائيل - ٤٤

هميشه هو مشغول رهن ٿا
رهي ٿو تن لئي ڏير ڪمن جو
گهڻيئي ڪاروبار هلن ٿا
هميشه هو مشغول رهن ٿا.

مِلي فرصت، غمگين ٿين ٿا
نه آهي تن لئي سئر چمن جو
هميشه هو مشغول رهن ٿا
رهي ٿو تن لئي ڏير ڪمن جو.

ترائيل - ۴۹

اڄ تہ پرچون پاڻ ۾ او دلربا
ء ڪريون ماضيء جون ڪي ڳالھيون نہ ڪي
آئنده جي محض ٿئي بس مرحبا
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾ او دلربا.

باھمي رشتا مٿر اھڙا ڪبا
پل حسد ڪان جڳہ تہ بيھودو بڪي
اڄ تہ پرچون پاڻ ۾ او دلربا
ء ڪريون ماضيء جون ڪي ڳالھيون نہ ڪي.

• ——————— •

ترائيل - ۵۰

هولي آئي اڄ تہ رنگ لڳائڻ ڏي
هوء آ هت هرروز ڪانہ اچڻ واري
نازڪ پنھنجو حجاب هٽائڻ ڏي
هولي آئي اڄ تہ رنگہ لڳائڻ ڏي.

رخسارن کي گلال ڇھائڻ ڏي
مسرت جن تي نرت آ ڪرڻ واري
هولي آئي اڄ تہ رنگہ لڳائڻ ڏي
هوء آ هت هرروز ڪانہ اچڻ واري.

• ——————— •

ترائيل - ٤٧

جيءُ ڇا ليءَ جُڙيل آ اڃا
جسم ڳولي فنا جو ٿو در
فهم منهنجو پليل آ اڃا
جيءُ ڇا ليءَ جڙيل آ اڃا.

هي جگر هت جَليَل آ اڃا
آس جو پر متيو نا(هه) اثر
جيءُ ڇا ليءَ جڙيل آ اڃا
جسم ڳولي فنا جو ٿو در.

•————————•

ترائيل - ٤٨

تنُ تہ ڳولي عيش جا سامان ٿو
من مگر ان جي رڪاوٽ ٿو بڻي
هو گهڙي پورا ڪرڻ ارمان ٿو
تن تہ ڳولي عيش جا سامان ٿو.

تن مڃي شيطان جا احسان ٿو
من تو گهڙي سوچ جو بوجو کڻي
تن تہ ڳولي عيش جا سامان ٿو
من مگر ان جي رڪاوٽ ٿو بڻي.

•————————•

ترائيل - ٥٣

روح تنهنجي ليءِ اچا بہ تو تڙڦي
جسم تي پل اختيار ڪو ناهي
جگر مان شعلو سنل متان پڙڪي
روح تنهنجي ليءِ اچا بہ تو تڙڦي.

آ خبر هت موت تو متان مرڪي
پوءِ هي آرزو ڇا ليءِ رهي آهي؟
روح تنهنجي ليءِ اچا بہ تو تڙڦي
جسم تي پل اختيار ڪو ناهي.

. ———— .

ترائيل - ٥٤

خوشنما پنهنجيءَ حياتيءَ کي ڪبو
درد کي جئن هار جو احساس ٿئي
خلق جي خندہزنيءَ کي روڪبو
خوشنما پنهنجيءَ حياتيءَ کي ڪبو.

مرڪ کي واپس وري هت آڻبو
گامزن جئن آسمان ڏي آس ٿئي
خوشنما پنهنجيءَ حياتيءَ کي ڪبو
درد کي جئن هار جو احساس ٿئي.

. ———— .

ترائيل - ٥١

جا گهڙي گذري وئي، گذري وئي
جل نديءَ جو تو وهي رفتار سان
سچ تہ آ تاريخ ئي وسري وئي
جا گهڙي گذري وئي، گذري وئي.

حافظي مان دشمني اُتري وئي
واسطو هاڻي فقط آ پيار سان
جا گهڙي گذري وئي، گذري وئي
جل نديءَ جو تو وهي رفتار سان.

. ———— .

ترائيل - ٥٣

خوش آهيان مگر آئون هوش ۾ ڪٿي آهيان
آيو هوش جنهن دم، تيندي خوشي هنان غائب
حاصل مان ڪرڻ هر پل هت سرور تو چاهيان
خوش آهيان مگر آئون هوش ۾ ڪٿي آهيان.

خوابي مان محل دلڪش ناهي چو وري ڊاهيان؟
ناداني ءَ سبب پر ناهيان ملول يا تائب
خوش آهيان مگر آئون هوش ۾ ڪٿي آهيان
آيو هوش جنهن دم، تيندي خوشي هنان غائب.

. ———— .

ترائيل - ٥٧

سامهون وڻ جي چوٽيءَ تي ڪوئل ڪوڪ ڪري ٿي،
آءُ اَڱڻ ۾ ڪاغذ تي چاهيان شعر لکڻ ٿو،
منهنجي دل کي لرزائي بيحد درد پري ٿي
سامهون وڻ جي چوٽيءَ تي ڪوئل ڪوڪ ڪري ٿي،

ڇا هوءَ وڇڙيل ساٿيءَ جي سنگت لاءِ مري ٿي؟
آءُ اهو ذاتي ھن جو چاهيان راز سلڻ ٿو،
سامهون وڻ جي چوٽيءَ تي ڪوئل ڪوڪ ڪري ٿي،
آءُ اَڱڻ ۾ ڪاغذ تي چاهيان شعر لکڻ ٿو.

• ———— •

ترائيل - ٥٨

تنهنجيءَ ياد جو سهارو ڪيسين رهندو؟
هر پل تو بنا ڪري ٿو بيزار مونکي.
منهنجو جسم ڇا سوين پيو صدما سهندو
تنهنجيءَ ياد جو سهارو ڪيسين رهندو؟

ڇا بيهر محل تمنا جو ڪو نهندو
پنهنجو روح پيي لڳي ٿو بيمار مونکي
تنهنجيءَ ياد جو سهارو ڪيسين رهندو؟
هر پل تو بنا ڪري ٿو بيزار مونکي.

• ———— •

ترائيل - ٥٥

هر ماڻهو انسان ڪتي آ،
اِنسانيت ڪن ۾ پسجي
ڏُب جو قحط ضرور هتي آ
هر ماڻهو انسان ڪتي آ.

نفرت جو ماحول جتي آ،
مرڪي ات ڪنهن ڪنهن سان ملجي؟
هر ماڻهو انسان ڪتي آ،
انسانيت ڪن ڪن ۾ پسجي.

• ———— •

ترائيل -٥٦

ڏن اپار عقل ۽ علميت
من ملڻ جي، تيو ڇا حاصل؟
آ سرور جو راز محبت
ڏن اپار عقل ۽ علميت.

عاشقي عطا، چوڏر مسرت
ڳم تناءُ، غمگيني باطل
ڏن اپار عقل ۽ علميت
من ملڻ جي، تيو ڇا حاصل؟

• ———— •

ترائيل -٥٩

تنهنجي هت موٽ بعد مان اڪيلو آهيان
هاڻي هيءَ زندگي جئڻ مناسب ناهي
ڪي ٿا آکن تہ مان بنہ ڳهيلو آهيان
تنهنجي هت موٽ بعد مان اڪيلو آهيان.

هرڪم ۾ هاڻ مان اصل اويلو آهيان
جذبو ناهي تہ پوءِ حيات باقي ڇاهي؟
تنهنجي هت موٽ بعد مان اڪيلو آهيان
هاڻي هيءَ زندگي جئڻ مناسب ناهي.

ترائيل - ٦٠

اجنبيءَ جيان جيئڻ ٿيو آ حاصل
آهہ جڳہ سان وابستگي اڃ ڪهڙي؟
غم-خوشيءَ ۾ منهنجي نہ ڪوئي شامل
اجنبيءَ جيان جيئڻ ٿيو آ حاصل.

موٽ يي آ شايد طبع جو قائل
نہ تہ بڻي ها بد ڪونہ حالت اهڙي
اجنبيءَ جيان جيئڻ ٿيو آ حاصل
آهہ جڳہ سان وابستگي اڃ ڪهڙي ؟

آسن واسواڻي 'مجبور'

جنم : ٢٧ فيبوري ١٩٣٢ع

جنم استان : بنگلديرو، ضلع لاڙڪاڻو، سنڌ. (هاڻ پاڪستان)

تعليم : ايم.اي (انگريزي ساهت) ايم.اي (هندي ساهت)

نوڪري : ليڪچرار ۽ پروفيسر ١٨ سال
پرنسيپال (تولاڻي آرٽس - سائنس ڪاليج، آديپور)
(١٩٩٢ ۾ رٽائر ڪيو) ١٨ سال

هاڻ جو مشغوليون

ڪنوينر : انٽليڪچوئلس فورم، آديپور - گانڌيڌام.

ڪنوينر : سنڌي ادبي سرڪل، آديپور - گانڌيڌام.

ادبي اشاعت

١. زندگي جا نغما (شعر) ١٩٦١

٢. معاف ڪجو (مزاقي/طنزي مضمون) ١٩٨٥
سيئٽي آل انڊيا (پهرين) تان پرسارت

٣. ايشور جو آپگهات (مزاقي / طنزي شعر) ١٩٩٥
(گجرات سنڌي اڪادميءَ جو انعام مليل)

٤. خلش ۽ خاڪا (غزل ۽ هائڪو) ١٩٩٦
(راشٽريه سنڌي ٻولي وڪاس پريشد) (NCPSL) جو انعام مليل

٥. عقيدن جي وفات (جديد شاعري) ١٩٩٨

٦. ماضيءَ جو دفن (جديد شاعري) (گجرات سنڌي اڪادمي جو انعام) ١٩٩٩

٧. فڪر ۽ فهم (غزل ۽ رباعيون) ٢٠٠٠

٨. جنون ۽ جنگ (غزل، ترائيل ۽ جديد شاعري) ٢٠٠١

٩. قيامت جي قريب (غزل ۽ جديد شاعري) ٢٠٠٢

... صدا آواز (غزل ۽ ترائيل) ٢٠٠٣